SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIX مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XXXIX OF 2001
# سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDHPUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 2 جي ترميم
Amendment in section 2 of Sindh Act XI of 1989

3. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment in section 3 of Sindh Act XI of 1989

4. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment in section 4 of Sindh Act XI of 1989

5. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment in section 5 of Sindh Act XI of 1989

6. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 5_A کي خارج ڪرڻ
Omission of section 5_A of Sindh Act XI of 1989

7. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment in section 7 of Sindh Act XI of 1989

8. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment in section 8 of Sindh Act XI of 1989

9. 1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعہ 9 ۽ 10 جي ترميم

Amendment in section 9 and 10 of Sindh Act XI of 1989

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIX مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.XXXIX OF 2001

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2001

## THE SINDHPUBLIC SERVICE COMMISSION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[8 ڊسمبر 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن

(ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

شروعات

Short title and commencement

2. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾ شق (b) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(bb) "گورنر" مطلب سنڌ جو گورنر؛".

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment in section 2 of Sindh Act XI of 1989

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعات (2) ۽ (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

"(2) ڪميشن چيئرمين ۽ اهڙن ميمبرن تي مشتمل هوندي، جن جو انگ ڏهہ کان وڌيڪ نہ هوندو، جيئن گورنر طئي ڪري.

(3) ميمبرن منجهان اڌ اهڙا ماڻهو هوندا جن سرڪاري نوڪري ويهہ سالن کان گهٽ نہ ڪئي هجي ۽ جنهن ۾ بي پي ايس 20 يا ان کان مٿي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج سالن جو تجربو ۽ بهترين ڪيريئر ۽ پنهنجي شعبي ۾ مشهور هجن.

(4) رهيل ميمبر خانگي شعبن مان ناميارن ماڻهن منجهان چنڊيا ويندا جن جي عمر گهٽ ۾ گهٽ پنجيتاليهہ سالن تائين هوندي ۽ وڌ ۾ وڌ پنجهٺ سال جيڪي لبرل آرٽس ۽ سائنس جي نمائندگي ڪندا هجن ۽ ماهر جن کي لاڳاپيل ميدان ۾ جوڳي عملي تجربي سان گڏ بيچلرز جي ڊگري هجي.

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment in section 3 of Sindh Act XI of 1989

(5) ڪو بہ شخص سرڪاري ملازمت يا حڪومت طرفان قائم ڪيل خودمختيار ڪارپوريشن يا باڊي ۾ ملازمت ڪندڙ قانوني طور يا ٻي صورت ۾ ميمبر طور مقرر نہ ڪيو ويندو.

4. چاڙهايل ايڪٽ ۾، دفعہ 4 ۾ ذيلي دفعہ (2) لاءِ شرطيہ بيان سميت هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) چيئرمين يا ميمبر ٻيهر نئون نہ ٿيندڙ پنج سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندا، اهڙي تاريخ کان جڏهن اهي عهدو سنڀالين: بشرطيڪ پنهنجي صوابديد تي چيئرمين يا ميمبر جي عهدي جو مدو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ترميم) آرڊيننس، 2001 جي شروعات کان وٺي ۾ وڌ ۾ وڌ پنج سالن جي عرصي تائين وڌائي سگهي ٿو. جنهن ۾ سندس طرفان عهدي تي اڳواٽ ملازمت ڪيل مدي يا مدن کي بہ شامل ڪيو ويندو.

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment in section 4 of Sindh Act XI of 1989

5. چاڙهايل ايڪٽ ۾، دفعہ 5 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ شرطيہ بيان ڪانسواءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(1) ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بشمول چيرمين ۽ ميمبرن جي پگهار، الائونسز ۽ اڳواٽ طئي ڪيل شرط اهڙيءَ ريت هوندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي."

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment in section 5 of Sindh Act XI of 1989

6. چاڙهايل ايڪٽ ۾، دفعہ A-5 کي ختم ڪيو ويندو.

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعہ A-5 کي خارج ڪرڻ
Omission of

section 5_A of Sindh Act XI of 1989

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment in section 7 of Sindh Act XI of 1989

7. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 7 جي شق (ii) ۾:

(i) لفظ "حڪومت" لاءِ لفظ "گورنر" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) ذيلي شق (a) ۾ لفظ "آخر" کي ختم ڪيو ويندو.

(iii) شق (a) کانپوءِ، هيٺين نئين شق کي شامل ڪيو ويندو:

"(aa) صوبائي ملازمت يا ڪيڊر ۾ مختلف ملازمتن ۽ ڪيڊرن جي عملدارن جي ضم ڪرڻ سان لاڳاپيل معاملو؛ ۽".

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment in section 8 of Sindh Act XI of 1989

8. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 8 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"8. جتي گورنر ڪميشن جي مشوري کي نٿو مڃي، اهو ڪميشن کي ان سلسلي ۾ آگاهه ڪندو.".

1989 جي سنڌ ايڪٽ XI جي دفعه 9 جي ترميم

Amendment in section 9 of Sindh Act XI of 1989

9.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعه 9 جي ذيلي دفعه (8) ۾ ۽ دفعه 10 ۾، لفظ "حڪومت" کي لفظ "گورنر" سان متبادل بڻايو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**